SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1975

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1975

سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1975

THE PEOPLE'S LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1975

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي شيڊول II جي ترميم
Amendment of schedule II of Sindh Ordinance II of 1972
3. پيٽرول پمپ فيي جي توثيق
Validation of petrol pump fee

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1975

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1975

سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1975

THE PEOPLE'S LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1975

[14 آڪٽوبر 1975]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي فوري قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين، 1973 جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪندي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي

نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1975 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي شيڊول II جي ترميم
Amendment of schedule II of Sindh Ordinance II of 1972

2. پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 جي شيڊول II ۾، "عوامي حفاظت" عنوان هيٺ، پيراگراف 5 جي شق (2) ۾:

(i) ذيلي شق (b) جي آخر ۾ ايندڙ لفظ "۽" کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii) ذيلي شق (c) جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ "۽" سان تبديل ڪيو ويندو؛

(iii) ذيلي شق (c) کانپوءِ هيٺين ذيلي شق (d) شامل ڪئي ويندي:

"(d) ڪراچيءَ ۾ ڪنهن به احاطي ۾ ڪو به پيٽرول پمپ نه لڳايو ويندو ۽ ڪنهن بي ميونسپلٽي جي ميونسپل حدن اندر، جيڪڏهن اهڙي بي ڪا ميونسپلٽي ايئن فيصلو ڪري ٿي."

پيٽرول پمپ في جي توثيق
Validation of petrol pump fee

3. جيستائين ڪجهه به ڪنهن قانون جي متضاد نه هجي، ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن طرفان لڳايل پيٽرول پمپ في، اوڳاڙيل، جمع ڪيل يا 16 اپريل 1960 کان هن اردينس جي لاڳو ٿيڻ تائين پريل في ڪاگر طريقي لڳايل، اوڳاڙيل، جمع ڪيل يا پريل سمجهي ويندي، جيئن به معاملو

هجي، ۽ جتي اهڙي في هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ جمع ڪئي يا پري ناهي وئي، اها سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 (1972 جي سنڌ آرڊيننس II) جي گنجائشن موجب رهتن طور وصولي لائق هوندي.

نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.